


سنڌي



امیراھلسنت حضرت علامه مولانه محمدالیاس عطار قادري دامت برڪاتهم العاليه جي مختلف فرمانن جو مجموعو :

"قسط پهرين"

# اميراهلسنت جا 163 ارشادات

پيشڪش:
مجلس المدينة العلميه (دعوتِ اسلامي)
ترجمو:
ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص ۴٠ دار الفکر بيروت)



طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

رسالي جو نالو: اميرِ اهلِ سنّت جا 163 ارشاد

ڇاپو پهريون: صفر المظفر 1444هه ، سيپٽمبر 2022ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني ءِ دعوت اسلامي، حضرت علام
دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

# مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

## اميرِ اهلِ سنّت جا 163 ارشاد

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**
**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.n

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# اميرِ اهلِ سنّت جا 163 ارشاد

**دعاءِ جانشينِ اميرءِ اهلِ سنّت**: ياربَّ المصطفيٰ! جيڪو بہ مڪمل رسالو"اميرِ اهلِ سنّت جا 163 ارشاد " پڙهي يا ٻڌي وٺي ان کي سچو عاشقِ رسول بڻاءِ ۽ دين جي خدمت جو خوب جذبو عطا فرماءِ.

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم
جنهن مون تي هڪ ڀيرو دُرود شريف پڙهيو الله پاڪ اُن تي ڏهہ رحمتون موڪليندو آهي.

(مسلم، ص 172، حديث: 912)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

دورِ حاضر جي عظيم علمي ۽ روحاني شخصيت شيخ طريقت، اميرِ اهلِ سنّت حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطّار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه انهن هستين مان هڪ آهن جن کي الله پاڪ تمام گهڻو علم ۽ حڪمت سان نوازيو آهي. سندن ملفوظات ۽ فرمانَ ٻڌي ڪري ماڻهو اخلاق ۽ ڪردار جا پيڪر بڻجي ويندا آهن ۽ دين ۽ دنيا جون ڪوڙ ساريون برڪتون ماڻيندا آهن، اچو اسان بہ ڪين فرمان ٻڌي ڪري پنهنجي علم و عمل ۾ اضافي

جي ڪوشش ڪيون ٿا.

## اميرِ اهلِ سنّت جا 163 ارشاد

﴾1﴿ مومن جو هر ڪم اهڙو هجڻ گهرجي جنهن ۾ آخرت جو ڀلو هجي ۽ ڪا اهڙي ڳالهه نه هجي جنهن ۾ آخرت جو نقصان ٿئي.

﴾2﴿ پنهنجي اندر ديني درد پيدا ڪرڻ جي لاءِ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دين اسلام جي لاءِ ڏنل قربانين جو مطالعو هجي.

﴾3﴿ پنهنجي جان بچائڻ جي لاءِ ٻين کي نه ڦاسائڻ گهرجي.

﴾4﴿ جيڪو مون کي منهنجي غلطي ٻڌائي اهو منهنجو محسن آهي. (اسان سيني جو اهو ذهن هجڻ گهرجي).

﴾5﴿ پنهنجي واتان پاڻ کي علامه يا عالم چورائڻ جي بجائي عاجزي ڪرڻ گهرجي.

﴾6﴿ هڪ عالم ۽ مفتي کي به احياءُ العلوم گهوٽي پيئڻ گهرجي اِنْ شَآءَ الله فتويٰ ۾ نکار اچي ويندو.

(مدنی مذاکرہ 20شوّالُ المکرم 1440ھ کے فرامین)

﴾7﴿ نماز جلدي جلدي پڙهڻ جي بدران تجويد و قراءَت جو لحاظ ڪندي ظاهري ۽ باطني اداب سان پڙهو.

﴾8﴿ اَذان ڪان پوءِ بس هڪ ئي ڪم، نماز نماز بس نماز.

﴾9﴿ اهلِ علم اهو غور ڪن ته ڇا ٻي پڙهيو فردَ مون کي حقير لڳي ٿو يا نه؟ ۽ الله پاڪ ڪان ڊڄي ته ڪٿي سامهون وارو الله پاڪ جي بارگاهه ۾ مقبول نه هجي.

﴿10﴾ اسان جا بُزرگ سادي ڪاغذ جو ادب ڪري ويا! ڪاش اسان بہ پنهنجي قلم، ڪتاب جو ادب ڪيون.

﴿11﴾ جنهن کي نماز ۾ لذّت ايندي آهي ان جي لاءِ ان کان وڏي ڪا نعمت ناهي.

(مدنی مذاکرہ 10 مُحرّمُ الْحرام 1441 کے فرامين)

﴿12﴾ امتحان جيترو سخت هوندو آهي سنَدَ بہ اوتري ئي اعليٰ ملندي آهي .

﴿13﴾ ڊاڪٽر هڪ ئي هجڻ گهرجي ڇو تہ اهڙي طرح اهو اسان جي بَدَني ڪيفيتون ڄاڻي وٺندو آهي. (تہ ڪهڙي دوا موافق هوندي آهي ۽ ڪهڙي نہ)

﴿14﴾ الله قسم کنيو اهو چوڻ بي ادبي آهي، هيئن چوڻ گهرجي تہ الله پاڪ قسم ياد فرمايو.

﴿15﴾ جيڪڏهن گهر وارا ڏاڙهي رکڻ کان منع ڪن تہ پنهنجي سٺي ڪردار ۽ ڳوڙهن سان پرچايو بد اخلاقي سان معاملو وڌيڪ بگڙجي سگهي ٿو.

(مدنی مذاکرہ 11 مُحرّمُ الْحرام 1441ھ کے فرامين)

﴿16﴾ ظالم ۽ ظُلم جي عمر گهٽ هوندي آهي.

﴿17﴾ جيڪڏهن مظلوم کان معافي گهرڻ اڄ مشڪل لڳي ٿو تہ آخِرت جو معاملو مشڪل ترين آهي.

(مدنی مذاکرہ 29شوال 1441ھ،20جُون2020ءکے فرامين)

﴿18﴾ ٽيڪسٽ ميسج، وائس ميسج، ويڊيو ڪلپ ۽ يادگار

مناظر وغيره سان گڏ تاريخ ، مهينو، سال لکڻ گهڻو فائديمند رهندو آهي ۽ ان سان يادگار باقي رهندي آهي.

﴾19﴿ لُطَف اَندوز ٿيڻ لاءِ سج گِرِڻ (ياچنڊ گرڻ) جون تصويرون ناهڻ چڱي ڳالهه ناهي.

﴾20﴿ ٽينشن هزار بيمارين کي جنم ڏيندو آهي.

(مدنی مذاکرہ 6ذُوالْقعدۃِ الْحرام 1441ھ،27جون2020ءکے فرامین)

﴾21﴿ پنهنجي مرضي سان علاج ڪرڻ جي بجائي هميشه ڊاڪٽر جي مشوري سان علاج ڪرڻ گهرجي.

﴾22﴿ گهر ۾ مدني چينل هلندو رهندو ته توهان جي ٻارن جي اصلاح جو سامان ٿيندو رهندو اِنْ شَاءَ الله.

﴾23﴿ طبيعتون مختلف هونديون آهن لهٰذا حديث مبارڪن ۾ تجويز ڪيل علاج طبيب جي مشوري کان بغير ڪرڻ منع آهي.

(مدنی مذاکرہ 13 ذُوالْقعدۃِ الْحرام 1441ھ،4جولائی2020ءکے فرامین)

﴾24﴿ والدين کي گهرجي ته سڀ کان پهرين پنهنجي ٻارن کي دين جي ضروري تعليم ڏين.

﴾25﴿ ٻاروتڻ کان ئي پنهنجي ڌيءُ کي حَياء جو دَرس ڏيو. ماءُ کي گهرجي ته (هلندڙ گهمندڙ) ڌيءُ کي چُست پاجامو نه پارائي.

﴾26﴿ زال مڙس اهو معاهدو(Pact) ڪن ته پاڻ ۾ ٿيڻ وارين ناراضين جو پنهنجي پنهنجي والدين کان ذڪر نه ڪنداسين.

﴾27﴿ اهڙو سُوال نه ڪندا ڪيو جنهن سان سامهون وارو ڪنهن جا عيب کولي ڇڏي يا غيبت جي گناهه ۾ وجي پوي.

(مدنی مذاکرہ 20 ذُوالقعدۃِ الْحرام 1441ھ،11جولائی2020کے فرامین)

﴿28﴾ نئي گھر ۾ سڀ کان پهرين قرآن پاڪ رکڻ سٺي ڳالھ آھي.

﴿29﴾ نئي گھر ۾ شفٽ ٿيندي وقت قبر ۾ ٿيڻ واري شفٽنگ کي ياد ڪجي.

﴿30﴾ آپريشن ڪرائڻو هجي تہ گهٽ ۾ گهٽ ٻن سَرجنن سان مشورو ڪرڻ گهرجي.

﴿31﴾ پنجئي نمازون پابندي سان پڙهڻ جي عادت ٻڌائڻ جو اصل وظيفو ھي ”احساس“ آھي تہ نماز منهنجي رب مون تي فرض ڪئي آھي.

﴿32﴾ اهڙو ڪم يا انداز نہ اختيار ڪيو جنهن سان ماڻھون دين کان پري ٿين.

(مدنی مذاکرہ 27 ذُوالقعدۃِ الْحرام 1441ھ،18جولائی2020 کے فرامین)

﴿33﴾ جانور جي ذبح ٿيڻ وقت تماشو ٻڌائڻ جي بدران جانور تي رحم ڪندي پنهنجي موت کي ياد ڪرڻ گهرجي.

﴿34﴾ روحاني علاج ۾ طاقت آھي.

(مدنی مذاکرہ 30ذوالقعدۃ الحرام 1441ھ،21جُولائی2020 کے فرامین)

﴿35﴾ گهٽيون ڳالھيون ڪرڻ انسان جي وقار کي داغدار ڪندو آھي.

﴿36﴾ عام طور تي هرهڪ کي ”**خاموش طبيعت انسان**“ سٺو لڳندو آھي.

﴿37﴾ ڪنهن وقت هڪ گناهه ”ڪيترا ئي گناهه“ ڪرائي ڇڏيندو آهي.

﴿38﴾ هر ٻار جي پيدائش (Birth) سان گڏ رُخصت (يعني موت بہ) بيئنل هوندو آهي.

(مدنی مذاکرہ 1 ذُوالْحِجَّۃِ الْحرام 1441ھ،22جولائی2020 کے فرامین)

﴿39﴾ قرض ٽينشن آڻيندو ۽ ننڊ ڦٽائيندو آهي.

﴿40﴾ قرباني جو جانور اهڙي جڳهه ذبح ڪيو جاتي ڪنهن پنڌ يا سوار کي تڪليف نہ ٿئي.

﴿41﴾ مذهبي ماڻهن کي وڌيڪ مُحتاط رهڻ گهرجي ڇوتہ اَڇي ڪپڙي تي داغ پري کان ئي نظر اچي ويندو آهي.

﴿42﴾ ”ياالله“ 49 ڀيرا پڙهي ڪري جانور تي دَم ڪري ڇڏيو، اِنْ شَآءَ الله نظر لڳڻ ۽ مختلف بيمارين کان حفاظت ٿي ويندي.

(مدنی مذاکرہ 2 ذُوالْحِجَّۃِ الْحرام 1441ھ،23جولائی2020 کے فرامین)

﴿43﴾ مان اهو گهران ٿو تہ اسان ٻار ٻار جي ذهن ۾ ويهي وڃي تہ ”محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم “ الله پاڪ جا آخري نبي آهن.

﴿44﴾ هر اها ڳالهه جنهن سان گناهن جو دروازو کلي ان کان اجتناب ڪرڻ (يعني بچڻ) ضَروري آهي. (مَدَنی مذاکرہ، 8 محرم الحرام 1436ھ)

(مدنی مذاکرہ 3 ذُوالْحِجَّۃِ الْحرام 1441ھ، 24 جولائی 2020 کے فرامین)

﴿45﴾ منهنجي نزديڪ پڙهيل لکيل اهو آهي جيڪو گهٽ ۾ گهٽ ڏسي ڪري قرآن ڪريم درست پڙهي سگهندو هجي.

﴿46﴾ جيڪڏهن عالم کان غَلطي سان غلط مسئلو بيان ٿي وڃي تہ ازالو ڪرڻ (پنهنجي غلطي مڃيندي صحيح مسئلو ٻڌائڻ) ۾ شرمائڻ نہ گهرجي.

﴿47﴾ جانور ذبح ٿيندي ۽ تڙپندي وقت پنهنجي موت ۽ سڪرات جي تڪليفن جا خيالَ پيدا ڪرڻ گهرجن تہ جيئن آخرت جي ياد اچي.

﴿48﴾ اردو زبان سکڻ گهرجي ڇوتہ اسان جو گهڻو لٽريچر اردو ۾ آهي.

﴿49﴾ مصيبت ۾ (ملڻ واري ثواب جي خوشي ۾) مُسڪرائڻ ڪمال آهي.

﴿50﴾ ماڻهو تہ ماڻهو جيڪڏهن "جانور" بہ نرم مزاج هجي تہ سٺو لڳندو آهي.

﴿51﴾ ٻار هجي يا وڏو جنهن کي پيار ڏيندؤ تہ پيار ماڻيندؤ.

(مدنی مذاکرہ 4 ذُوالْحِجَّةِ الْحرام 1441ھ،25جولائی2020 کے فرامین)

﴿52﴾ جن نظارن تي نہ ثواب هوندو نہ گناهہ انهن کي ڏسڻ جو بہ قيامت جي ڏينهن حساب ٿيندو.

﴿53﴾ اهڙن ماڻهن جي صحبت ۾ ويهڻ گهرجي جن جا عملن سان گڏوگڏ عقيدا ۽ نظريا بہ سو فيصد قرآن ۽ حديث جي مطابق هجن.

﴿54﴾ هن دور ۾ مون وٽ سنّيت جو اعليٰ معيار "اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه" آهن جيڪو هُو فرمائن اُن تي اکيون بند آهن.

(مدنی مذاکرہ 5 ذُوالْحِجَّۃِ الْحرام 1441ھ،26جولائی2020 کے فرامین)

﴿55﴾ جانور کي ذبح ڪرڻ وقت ٿيڻ واري تڪليف جي مقابلي ۾ انسان جو روح نڪرڻ وقت ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ تڪليف ٿيندي آهي.

﴿56﴾ فضول ڳالهين کان بچڻ جو ذهن هوندو ته گناهن وارين ڳالهين کان به بچي ويندا.

(مدنی مذاکرہ 6 ذُوالْحِجَّۃِ الْحرام 1441ھ،27جولائی2020 کے فرامین)

﴿57﴾ جيڪو جانور راهِ خدا ۾ قربان ڪيو ويندو آهي اهو وڏو ”خوش نصيب“ آهي.

﴿58﴾ ديني طلباءِ ڪرام ۽ اسلامي مطالعو ڪرڻ وارن کي ديني ڪتاب ممڪن هجن ته پنهنجي جيب مان ئي خريد ڪرڻ گهرجن اِنْ شَآءَ الله برڪتن ۾ اضافو ٿيندو.

﴿59﴾ الله پاڪ ۽ ان جي آخري نبي صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ جيڪو سنو آهي حقيقت ۾ اهو ئي سنو آهي.

(مدنی مذاکرہ 7 ذو الحجۃ الحرام 1441ھ،28جُولائی2020 کے فرامین)

﴿60﴾ ڪي سگهي ٿو ننڍي نظر اچڻ واري نيڪي ئي جنت ۾ وٺي وڃي ۽ ننڍو نظر ايندڙ هڪ ئي گناهه جهنم ۾ پهچائي ڇڏي.

﴿61﴾ ڪڏهن ڪڏهن ننڍي نيڪي وڏين نيڪين تائين پهچائي ڇڏيندي آهي.

﴿62﴾ اَفسوس! گناهه ۽ بُري ڪم کي بُرو سمجهڻ جو رُجحان به گهٽبو پيو وڃي.

(مدنی مذاکرہ 9 ذوالحجۃ الحرام 1441ھ،30جُولائی2020 کے فرامین)

﴿63﴾ ڏاڙهي شريف واري سنّت بداخلاقين ۽ گارين وغيره ڪيئي طرح جي بُرائين کان بچائيندي آهي.

﴿64﴾ شريعت توهان جي پويان نہ هلندي، (توهان) پاڻ شريعت جي پويان هلو.

(مدنی مذاکرہ 10ذوالحجۃ الحرام 1441ھ،31جُولائی2020 کے فرامین)

﴿65﴾ مسلمان عقل جا نہ دينِ اسلام جا پابند آهن.

﴿66﴾ اسان عقل جا نہ خدا جا ٻانها آهيون.

﴿67﴾ اهو ئي عقلمند آهي جنهن جي سمجهہ ۾ "دين" اچي وڃي.

﴿68﴾ ٻڪري مان مان ڪندي آهي تہ اها ڪاتي کان ڪُٺي ويندي آهي ۽ جڏهن ٻانهو مان مان ڪندو آهي تہ اهو ماڻهن ۾ "رُسوا" ٿي ويندو آهي.

(مدنی مذاکرہ 11ذوالحجۃ الحرام 1441ھ،1اگست2020 کے فرامین)

﴿69﴾ جيڪو الله پاڪ جي بارگاھ ۾ جهڪندو آهي اهوئي بلندي ماڻيندو آهي.

﴿70﴾ جيڪو الله ۽ ان جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فرمانبرداري ۾ لڳل رهندو آهي، دنيا اُن جي خدمت ۾ لڳل رهندي آهي.

﴿71﴾ جنهن وٽ قرباني نہ ٿيندي هجي، ٿي سگهي تہ اُن کي (سيپ کان) پهريان "قرباني جو گوشت" ڏيو.

﴾72﴿ جيڪڏهن ڪنهن گُهرڻ واري ڪي گوشت ناهي ڏيڻو ته ڇِڙٻي بغير ان سان سٺي انداز سان معذرت ڪري ونو.

﴾73﴿ دعوت اسلامي جي لاءِ قرباني جون کلون جمع ڪرڻ اسان جو ”مقصد“ ناهي ”ضرورت“ آهي، اسان جو مقصد ”نيڪي جي دعوت“ آهي

﴾74﴿ قربانيءَ جون کلون گڏ ڪرڻ ۾ ”جماعت سان نماز“ نه ڇٽڻ گهرجي. ڪل وجي ٿي وڃي نماز نه وڃي.

﴾75﴿ دُنياوي لذيذ کاڌن جي حِرص جي بجائي جنّت جي لذيذ کاڌن جي حرص هجڻ گهرجي.

﴾76﴿ الله ڪريم جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اُمت ۾ پيدا ٿيڻ ”انمول نعمت“ آهي.

(مدنی مذاکرہ 18ذوالحجۃ الحرام 1441ھ،8اگست2020 کے فرامین )

﴾77﴿ غذا چاهي ڪيتري ئي عمده هجي اُن جو گهڻو استعمال نقصارڪار آهي.

﴾78﴿ تيز اونداهي يا شديد مينهن وغيره جي منظرن سان لُطف اندوز ٿيڻ جي بجائي ان مان عبرت حاصل ڪرڻ گهرجي.

﴾79﴿ 14 آگسٽ جو ڏينهن ”يومِ تَشَّڪر“ يعني الله پاڪ جو شڪريو ادا ڪرڻ جو ڏينهن آهي جو ان اسان کي آزادي جي نعمت عطا فرمائي.

(مدنی مذاکرہ 25 صفرُ الْمُظفَّر 1442ھ،12اکتوبر2020 کے فرامین)

﴾80﴿ اسان جون هزارين عبادتون الله پاڪ جي ڪنهن هڪ

نعمت جي هزاروين حصي جي شڪر جو حق ادا نٿيون ڪري سگهن.

﴿81﴾ مُحسن (يعني احسان ڪرڻ واري) جو احسان سڄي عُمر مڃڻ گهرجي.

﴿82﴾ عزّت ڏيو عزّت ملندي.

﴿83﴾ عاجزي ۽ انڪساري جي ذريعي ئي ڪنهن سخص جي ”دل“ ۾ داخل ٿي سگهجي ٿو.

(مدنی مذاکرہ 4رجب 1442ھ مطابق 18فروری2021 کے فرامین)

﴿84﴾ قبرستان ”عبرت“ جي جاءِ آهي.

﴿85﴾ هر ”نيڪ“ الله پاڪ جو ولي ناهي هوندو جڏهن ته هر ”ولي“ ضرور ”نيڪ“ هوندو آهي.

(مدنی مذاکرہ 13رجب المرجب 1442ھ مطابق 25فروری 2021 کے فرامین)

﴿86﴾ بي نمازي ”نيڪ شخص“ ناهي.

﴿87﴾ پارن ڪي موبائل ڪان پري رکڻ ۾ ئي عافيت آهي.

(مدنی مذاکرہ 15رجب المرجب 1442ھ مطابق 27فروری2021 کے فرامین)

﴿88﴾ پنهنجون نيڪيون لڪائڻ **”بهترين ڪم“** آهي.

﴿89﴾ چهري جو حُسن (نور) ”الله پاڪ جي عبادت“ سان هوندو آهي.

﴿90﴾ جيڪڏهن توهان ڪنهن کي سمجهائڻ چاهيو ٿا ته حڪيماڻو انداز اختيار ڪيو جو اصلاح فقط انهيءَ ريت ٿي

سگهي ٿي نہ تہ جارحاڻو انداز ضد پيدا ڪندو آهي.

﴾91﴿ سوشل ميڊيا تي ڪنهن کي سمجهائڻ، سمجهائڻ نہ بلڪ اُن کي ”ذليل“ ڪرڻ آهي.

............................................................

﴾92﴿ اسلام پنهنجي مسلمان ڀائرن سان حسنِ ظن رکڻ جي تعليم ڏي ٿو.

(مَدَنی مذاکرہ، 3ربیع الآخر1438ھ)

﴾93﴿ ولين جي محبّت وڌائڻ جو هڪ طريقو هي بہ آهي تہ اولياءِ ڪرام سان محبت رکڻ وارن جي صحبت اِختيار ڪئي وڃي.

(مَدَنی مذاکرہ، 30ربیع الاوّل1438ھ)

﴾94﴿ ڪنهن کي شهرت حاصل ٿي وڃڻ ان ڳالهہ جو دليل ناهي تہ ان کي رضاءِ الاهي جي منزل بہ حاصل ٿي وئي.

(مَدَنی مذاکرہ، 22ربیع الآخر1438ھ)

﴾95﴿ جيڪو مصيبتن ۽ غمن تي صبر ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو آهي اهو الله پاڪ جي رحمتن جي ڇانوَ ۾ اچي ويندو آهي.

(خود کشی کا علاج، ص 20)

﴾96﴿ ٻين جو انجام ڏسي ڪري پنهنجي لاءِ عبرت جا گُل چونڊڻ عقل مندي آهي.

(مَدَنی مذاکرہ،23ربیع الآخر1438ھ)

﴾97﴿ دل جي سختي جو هڪ سبب ذڪرِ الٰهي کان علاوه وڌيڪ ڪلام (گفتگو) ڪرڻ بہ آهي.

(مَدَنی مذاکرہ، 10محرم الحرام 1436ھ)

﴾98﴿ بزرگانِ دين رَحمَةُ اللّٰهِ عَلَيه جا واقعا ٻُڌي ڪري سبحان الله نہ چيو وڃي بلڪ انهن جي سيرت تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش بہ ڪئي وڃي.

(مَدَنی مذاکره، 5جمادی الاُخریٰ1438ھ)

﴾99﴿ آب زم زم جو هڪ قطرو، پاڻي سان پريل ديڳ ۾ وجهي ڇڏجي تہ برڪت جي لاءِ ڪافي آهي.

(مَدَنی مذاکره، 20جمادی الاُولیٰ 1438ھ)

﴾100﴿ پنهنجي اصلاح جي ڪوشش جاري رکو جوتہ جيڪو پاڻ نيڪ هوندو تہ ٻين جي باري ۾ بہ نيڪ گمان (يعني سٺا خيال) رکندو آهي جڏهن تہ جيڪو پاڻ ٻُڇڙو هجي ان کي ٻيا بہ خراب ئي ڏسڻ ۾ ايندا آهن.

(شیطان کے بعض ہتھیار،ص35)

﴾101﴿ سٺي نيّت سان مُعاف ڪرڻ ثواب جو ڪم آهي، معاف ڪرڻ جو هڪ دنياوي فائدو اهو بہ تي سگهي ٿو تہ جنهن کي معاف ڪيو وڃي ان جي دل مان معاف ڪرڻ واري جو بُغض ۽ ڪينو (دشمني) نڪري وڃي.

(مَدَنی مذاکره، 21محرم الحرام 1436ھ)

﴾102﴿ پنهنجي ٻارن جي سامهون هن نيت سان الله الله جو ورد ڪندا ڪيو جو هُو بہ الله الله ڪرڻ وارا بڻجي وڃن.

(مَدَنی مذاکره، 14جمادی الاُولیٰ 1438ھ)

﴾103﴿ نماز ۾ لباس پلي کان پلو هجڻ گهرجي.

(مَدَنی مذاکره، 7جمادی الاُولیٰ 1438ھ)

﴾104﴿ توهان جي هڪ مُسڪراهٽ ڪنهن جي نسلن کي سنواري سگهي ٿي ۽ توهان جي هڪ بي رُخي ڪنهن جي نسلن

ڪي راهه راست (سنئين واٽ) ڪان ڪوهين دور ڪري سگهي ٿي.
(مَدَنی مذاکره، 11محرم الحرام 1436ھ)

﴿105﴾ سڀ سان حُسن اخلاق ۽ شفقت سان پيش ايندؤ ته ماڻهو توهان سان محبت ڪندا. محبت ڏيو، محبت وٺو، نفرت ڪندؤ ته نفرت ملندي.
(مَدَنی مذاکره، 17ربيع الآخر 1438ھ)

﴿106﴾ وقت اهو انمول هيرو آهي جيڪو هڪ ڀيرو ضايع ٿيڻ کان پوءِ ٻيهر ناهي ملندو جڏهن ته دولت ضايع ٿي وڃي ته پوءِ به ملي سگهي ٿي.
(مَدَنی مذاکره، 5ربيع الآخر 1438ھ)

﴿107﴾ مال جو لٽيرو چور آهي ان کان بچڻ جا ڪيترائي ذريعا آهن ڇو ته اهو نظر ايندو آهي جڏهن ته نيڪين جو لٽيرو شيطان آهي ۽ هي نظر ناهي ايندو لهٰذا ان کان نيڪيون بچائڻ جي لاءِ وڌيڪ ڪوشش ڪرڻ جي ضرورت آهي.
(مَدَنی مذاکره،يکم محرم الحرام 1436ھ)

﴿108﴾ جنهن شيءِ جي نسبت حَرَمين طيِّبَيْن (يعني مڪي ۽ مديني) ۽ بُزرگانِ دين ڏانهن ٿي وڃي شريعت جي دائري ۾ رهندي انهن جو خوب ادب ڪجي.
(مَدَنی مذاکره،9محرم الحرام 1436ھ)

﴿109﴾ مان طلبہ ڪرام کي علمِ دين حاصل ڪرڻ جو حريص هجڻ سان گڏوگڏ مدني ڪمن جو به حريص ڏسڻ چاهيان ٿو.
(مَدَنی مذاکره،11ربيع الاوّل 1438ھ)

﴿110﴾ گناهه ڪرڻ واري جو گناهه قابلِ نفرت آهي پر اهو پاڻ قابلِ همدردي آهي ۽ اُن کي سمجهائڻ جي ضرورت آهي.
(مَدَنی مذاکره،يکم ربيع الآخر 1438ھ)

﴾111﴿ موت کي ياد ڪرڻ جي لاءِ ڪنهن اهڙي جڳهه ”الموت“ لکو جنهن تي توهان جي نظر پوندي رهي.
(مَدَنی مذاکره،7محرم الحرام 1436ھ)

﴾112﴿ پنهنجي اندر قوّت برداشت پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪيو ته جڏهن به توهان جي مزاج جي خلاف ڪا ڳالهه هجي ته توهان پنهنجي غصي کي ڪنٽرول ڪندي صبر ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃو.
(مَدَنی مذاکره،12ربيع الاوّل 1438ھ)

﴾113﴿ حرڪت ۾ بَرڪت آهي جيڪو پاڻي هلندو آهي تازو رهندو آهي ۽ جيڪو بيٺل هوندو آهي خراب ٿي ويندو آهي.
(مَدَنی مذاکره،9ربيعُ الاول 1438ھ)

﴾114﴿ پُٽ عالِم هجي ۽ پيءُ غير عالِم، پوءِ به پٽ تي پنهنجي پيءُ جو احترام لازم آهي، احترام ڪندو ته ٻنهي جهانن ۾ سعيد (يعني نصيب) ٿيندو. اِنْ شَآءَ الله.
(مَدَنی مذاکره،11محرم الحرام 1436ھ)

﴾115﴿ عمامو (پٽڪو) شريف ٻڌڻ وارو ان جي برڪت سان گناهن کان پري رهندو آهي ۽ ان جي ڪردار ۾ به نکار اچي ويندو آهي.
مَدَنی مذاکره،21صفر المظفر 1436ھ)

﴾116﴿ اهڙي محلي ۾ گهر وٺڻ گهرجي جاتي مسجد يارهين ۽ ٻارهين ملهائڻ وارن جي هجي.
(مَدَنی مذاکره،2ربيعُ الآخر 1437ھ)

﴾117﴿ توهان دَرِ مصطفيٰ جا اَسير (يعني قيدي) ٻڻجي وڃو ته بغير دولت جي امير ٻڻجي ويندؤ ۽ اِنْ شَآءَ الله توهان کي دلي

سُڪون جي دولت بہ ملي ويندي.

(مَدَنی مذاکرہ،3ربیع الآخر 1436ھ)

﴾118﴿ علمِ دين جو انمول خزانو، مطالعي جي ذريعي بہ هٿ ايندو آهي.

(مَدَنی مذاکرہ،9ربیع الاوّل 1438ھ)

﴾119﴿ جنهن ڪان تي سگهي اهو پنهنجي سفيد پوش رشتيدار يتيم ٻارن جي ڪفالت جي ذميداري کڻي ۽ انهن جي مدد اهڙي ريت ڪري جو انهن کي بہ خبر نہ پئي تہ اسان جي مدد ڪرڻ وارو ڪير آهي.

(مَدَنی مذاکرہ، 9ربیع الآخر 1436ھ)

﴾120﴿ مالدارن وٽ عموماً علمي دين گهٽ هوندو آهي، شايد انهيءَ ڪري هو غريبن کي حقير سمجهڻ ۾ مبتلا ٿي ويندا آهن.

(مَدَنی مذاکرہ، 23ربیع الآخر 1438ھ)

﴾121﴿ مسواڪ کي بي ادبي کان بچائيندي ان جو احترام ڪيو جو هي سنّت ادا ڪرڻ جو ذريعو آهي.

(مَدَنی مذاکرہ،30ربیع الاوّل 1438ھ)

﴾122﴿ باطن کي اجرو ڪرڻ جي لاءِ سچي توبہ ڪري وٺو.

(مَدَنی مذاکرہ،5ربیع الاوّل 1436ھ)

﴾123﴿ مرڪزي مجلسِ شوريٰ (جا رُڪنَ) دعوتِ اسلامي جا سرپرستي ڪندڙ آهن، انهن تي هرويرو تنقيد ڪرڻ جي بجائي انهن سان گڏجي دين جو خوب ڪم ڪرڻ گهرجي.

(مَدَنی مذاکرہ،6ربیع الآخر1437ھ)

﴿124﴾ جيڪي علمِ دين سان لڳاءُ رکن ٿا مون کي انهن سان گهڻو پيار آهي.

(مَدَنی مذاکره،4ربیع الآخر 1436ھ)

﴿125﴾ الله پاڪ جي راهه ۾ مال خرچ ڪرڻ، نفس تي گهڻو ڳورو هوندو آهي. انهيءَ ڪري جيئن ئي راهِ خدا ۾ خرچ ڪرڻ جي نيت ڪيو، فوراً ڏئي ڇڏيو ڇوته قلب (يعني دل) مُنَقَلِب (يعني بدلجندي) رهندي آهي.

(مَدَنی مذاکره، 29ربیع الاول1437ھ)

﴿126﴾ عالمِ دين بظاهر سادو هجي، پر علم جي ڪري عام ماڻهن کان ممتاز ۽ بهترين شخصيت هوندو آهي.

(مَدَنی مذاکره، 12ربیع الآخر1437ھ)

﴿127﴾ خود داري ۽ صَبُر و قناعت سان وقار بلند ٿيندو آهي.

(مَدَنی مذاکره،3ربیع الآخر1437ھ)

﴿128﴾ ڪاڏي ۾ لوڻ مناسب مقدار ۾ استعمال ڪرڻ گهرجي، ڇوته ان جو وڌيڪ استعمال گردن کي ناڪارو ڪري سگهي ٿو.

(مَدَنی مذاکره،21ذوالحجۃ الحرام1437ھ)

﴿129﴾ اسان سان ڪير حُسن سلوڪ ڪري يا نه ڪري، اسان کي هر هڪ سان حُسنِ سلوڪ ڪرڻ گهرجي.

(مَدَنی مذاکره ،12رمضان المبارک 1437ھ)

﴿130﴾ اهوئي عقلمند شخص ڪامياب آهي جنهن پنهنجي عقل کي الله ۽ رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اطاعت ۾ استعمال ڪيو.

(مَدَنی مذاکره،15رمضان المبارک1437ھ)

﴿131﴾ عاجزي ۽ نرمي اختيار ڪيو اِنْ شَآءَ الله توهان سين جي اکين جا تارا بڻجي ويندؤ.

(مَدَنی مذاکره، 20ربيع الآخر 1437ھ)

﴿132﴾ اسلامي ڀينرون جڏهن پيڪين وڃن تہ صلہ رِحمي (رشتيدارن سان سٺي سلوڪ) جي نيت ڪن ۽ پيڪين وڃي ساهرن جون خاميون يا ساهرن ۾ اڇي ڪري مائٽن جو خوبيون بيان نہ ڪن، اِنْ شَآءَالله گهر امن جو گهوارو بڻيو رهندو.

(مَدَنی مذاکره، 22ربيع الاول 1437ھ)

﴿133﴾ هنگُ (هڪ وڻ جي ڪونئر Asafoetida ) گهر ۾ رکڻ سان ڪِولِيون ڀڄي وينديون آهن.

(مَدَنی مذاکره، 2ذوالقعدة الحرام 1437ھ)

﴿134﴾ الله پاڪ جي نافرماني ڪان هرحال ۾ بچڻ گهرجي جو گناهہ ننڍو هجي يا وڏو جهنّم ۾ ڦٽو ڪري سگهي ٿو.

(مَدَنی مذاکره، 2ذوالقعدة الحرام 1437ھ)

﴿135﴾ دُنياوي مال ۽ دولت گهٽ هجڻ تي افسوس ڪرڻ بجائي نيڪيون گهٽ هجڻ تي افسوس ڪيو.

(مَدَنی مذاکره، 29رمضان المبارک 1437ھ)

﴿136﴾ غلطي تسليم ڪرڻ سان عزت گهٽبي نہ، وڌندي آهي.

(مَدَنی مذاکره ،4ربيع الآخر 1437ھ)

﴿137﴾ ڪنهن کي سمجهائڻ بہ هڪ فن آهي، جيڪڏهن سمجهائڻ اچي ٿو تہ اڪيلي طور تي سمجهائيو تہ اهو وڌيڪ فائدي مند آهي.

(مَدَنی مذاکره،27ربيع الآخر1437ھ)

﴿138﴾ مسلمان هر معاملو شريعت جي مطابق ڪرڻ جو پابند آهي.

(مَدَنی مذاکرہ ،6شوال المکرّم 1435ھ)

﴿139﴾ جيستائين اسان لفظ نہ ڳالهايا، تيستائين اسان جا آهن، جڏهن زبان مان نڪري ويا تہ ٻين جا ٿي ويا، اهي جيڪو چاهن ڪن.

(مَدَنی مذاکرہ،3ذوالحجۃ الحرام1435ھ)

﴿140﴾ هر هڪ کي گهرجي تہ ٻين کان شيون گهرڻ کان بچي، جيڪڏهن اها (نہ گهرڻ) واري عادت پختي ٿي وئي تہ اِنْ شَاءَ الله ڪيترا ئي دُنياوي فائدا حاصل ٿيندا.

(مَدَنی مذاکرہ ،20ربيع الاول 1437ھ)

﴿141﴾ پيٽ ڀري کري کاڌو کائڻ گناهہ ناهي، جيتوڻيڪ وڌيڪ کائڻ واري جو نفس گناهن ڏانهن وڌيڪ مائل ٿي سگهي ٿو.

(مَدَنی مذاکرہ ،16رمضان المبارک 1437ھ)

﴿142﴾ شَرعي معاملن ۾ پنهنجي اٽڪل (يعني اندازي) سان ڪنهن شيءِ کي جائز ناجائز هجڻ جو حڪم نہ لڳائڻ گهرجي.

(مَدَنی مذاکرہ ،9محرم الحرام 1437ھ)

﴿143﴾ وڏا ڀيڻ ڀاءُ هريرو رُعب وجهن تڏهن بہ ننڍن ڀيڻ ڀائرن کي انهن جي عزت ڪرڻ گهرجي جيتوڻيڪ وڏن کي گهرجي تہ ننڍن سان پيار ڪن، نرمي سان پيش اچن ۽ شفقت وارو سلوڪ ڪن.

(مَدَنی مذاکرہ، 9رمضان المبارک 1437ھ)

﴿144﴾ ڪو شخص اسان جي بُرائي ڪري تہ ان سان ناراض ٿيڻ يا معاذَالله ان جي برائي بيان ڪرڻ جي بجائي صبر ڪيو بلڪ ان ڏانهن تحفو اماڻيو، اِنْ شَاءَالله سٺا نتيجا سامهون ايندا.

(مَدَنی مذاکرہ ،14رمضان المبارک 1437ھ)

﴿145﴾ غُرور ۽ تڪبّر غصي ۾ شدت پيدا ڪندو ۽ حِلم ۽ بُردباري کان روڪيندو آهي.
(مَدَنی مذاکره، 19ربیع الآخر 1437ھ)

﴿146﴾ خوفِ خدا ۾ وهڻ وارا ڳوڙها دل جي سختي جي ڪري خشڪ ٿي ويندا آهن ۽ دل گناهن جي گهڻائي جي ڪري سخت ٿي ويندي آهي.
(مَدَنی مذاکره، 10جمادی الاولیٰ 1437ھ)

﴿147﴾ ڪٽيون شيون (کھٽيون) کائڻ کان بچڻ گهرجي جو ان سان بلغم پيدا ٿيندو آهي ۽ بلغم حافظو ڪمزور ڪندو آهي.
(مَدَنی مذاکره، 2محرم الحرام 1438ھ)

﴿148﴾ سمجهداري جو تقاضو اهو آهي ته موبائل فون ۾ ٻارن جي ماءُ يا ڀين محرم عورتن جون تصويرون هرگز نه رکيون وڃن ڇوته موبائل چوري ٿي سگهي ٿي ۽ اهڙي ريت گهر وارن جون تصويرون غير مردن وٽ وڃڻ جو خدشو آهي.
(مَدَنی مذاکره، 26صفر المظفر 1438ھ)

﴿149﴾ جڏهن گوشت رڌيو ته ان ۾ ڪدّو شريف، گوگڙون، آلو يا ڪا سبزي شامل ڪري وٺو، ان سان گوشت جا مضر (نقصان ڪار) اثرَ گهٽجي ويندا.
(مَدَنی مذاکره، 4ربیع الاول 1438ھ)

﴿150﴾ بُزرگي جو تعلق علم ۽ عَقل سان هوندو آهي، جواني ۽ پوڙاهپ سان نه.
(مَدَنی مذاکره، 8رجب المرجب 1437ھ)

﴿151﴾ ڪنهن کي سني عقيدي ۽ سني اعمال جي توفيق ملڻ،

هن ڳالهه جي علامت آهي ته ربّ ڪريم ان سان محبت ڪندو آهي.

(مَدَنی مذاکره، 5ربيع الاول 1438ھ)

﴿152﴾ ڪٽڪ ۾ جَو جو اٽو ملائي ڪري پڪائجي ته ماني وچولي اثر واري ٿي ويندي ڇوته جَو جو تاثير ٿڌو ۽ ڪٽڪ جو تاثير ڪرم هوندو آهي.

(مَدَنی مذاکره، 4ربيع الاول 1438ھ)

﴿153﴾ الله پاڪ جي رضا جي لاءِ شريعت جي دائري ۾ رهي ڪري ماڻس کي خوش ڪرڻ تمام وڏو ثواب جو ڪم آهي.

(مَدَنی مذاکره، 15رجب المرجب 1437ھ)

﴿154﴾ اولاد کي گهرجي ته پنهنجي والدين جو علاج پنهنجو پيٽ ڪٽي ڪري (يعني رُڪي سڪي کائي ڪري ۽ تنگي سان گذارو ڪري) به ڪرائڻو پوي ته ڪرائي.

(مَدَنی مذاکره، 21محرم الحرام 1436ھ)

﴿155﴾ خوفِ خدا ۽ عشقِ مصطفيٰ ۾ روئڻ به الله پاڪ جي هڪ نعمت آهي، جنهن کي خوفِ خدا ۽ عشقِ مصطفيٰ ۾ روئڻ نه اچي اُن کي (رياڪاري کان بچندي) روئڻ جي بتڪلف ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

(مدنی مذاکره، يکم ربيع الاول1439ھ)

﴿156﴾ ڪنهن به جامع شرائط پير سان دُنياوي ڪم جي لاءِ بيعت نه ڪئي وڃي بلڪ نفس ۽ دل جي اصلاح، نيڪ عملن جي گهڻائي جي توفيق، ايمان جي سلامتي ۽ دين تي استقامت ماڻڻ جي لاءِ (بيعت) ڪئي وڃي.

(مدنی مذاکره، 22صفرالمظفر 1439ھ)

﴿157﴾ وطن عزيز پاڪستان اسان جي لاءِ تمام وڏي نعمت آهي هن تعمير ۾ اسان سڀني کي حصو وٺڻ گهرجي. ڪاش! اسان جو ملڪ حقيقي معنيٰ ۾ اسلام جو مضبوط قلعو بڻجي وڃي.

(مَدَنی مذاکره، 17رمضان المبارک 1437ھ)

﴿158﴾ رنگ ڳالهين سان گهٽ ۽ صحبت سان گهڻو چڙهندو آهي، لهٰذا سنن جي صحبت اختيار ڪيو.

(مَدَنی مذاکره، 25ذوالحجة الحرام 1435ھ)

﴿159﴾ هر مسلمان کي گهرجي ته گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي هڪ پٽ ۽ هڪ نياڻي کي عالم و عالمہ ضرور بڻائي.

(مَدَنی مذاکره، 10محرم الحرام 1436ھ)

﴿160﴾ اهو گهڻو مشڪل آهي ته ماڻهو وٽ مال هجي ۽ دل ۾ ان جي محبت نہ هجي، لهٰذا اهو نہ چيو وڃي ته منهنجي دل ۾ مال جي محبت نہ آهي، جيڪڏهن اهو سچ آهي ته رياء ۾ پوڻ جو ڊپ آهي ۽ جيڪڏهن اهو دُرست ناهي (يعني دل ۾ مال جي محبت هجي) تہ ڪوڙ ٿي ويندو.

(مدنی مذاکره، 29صفرالمظفر 1439ھ)

﴿161﴾ جيڪي چڙٻَيندا آهن ماڻهو انهن کان جان ڇڏائيندا آهن ۽ پري ڀڄندا آهن ۽ جيڪي محبت ڏيندا آهن، ماڻهو انهن کي ڳولهيندا آهن ۽ انهن جي ويجهو ٿيندا آهن.

(مدنی مذاکره، يکم ربيع الاول 1439ھ)

﴿162﴾ هلندي ڦرندي يا ليٽي ڪري يا وري هر اُن انداز ۾ جنهن سان اکين تي زور پوندو هجي مطالعو ڪرڻ کان بچڻ گهرجي چوته ان سان نظر ڪمزور ٿيڻ جو انديشو آهي.

(مدنی مذاکره، 4ربيع الاول 1439ھ)

﴾163﴿ والدين کي گھرجي تہ ٻارن جي شادي طئي ڪرڻ کان پهرين انهن جي رضامندي ضرور پڇن ڪن نہ تہ شادي کان پوءِ گھر خراب ٿيڻ جو انديشو رهندو آهي.

(مدنی مذاکرہ، 9ربیع الاول 1439ھ)

